ڊاڪٽر مخمور بخاري

# سماج جي جوڙ جڪ ۾ تصوف جو ڪردار


***Abstract:***

**The Role of Mysticism/Tassawuff in structuring of the Society**

*Chaos, inequality, intolerance, hate, foreign phobia, exploitation of the weak at the hands of the powerful and such other tendencies of the same ilk are on rise. As a result, humanity is fading and humans are becoming anti-human. Reason for this decay is that God creates humans with better habits and qualities, but humans are ignoring their inherent positive tendencies and emotions of love, tolerance, and self-esteem. Each human is in a race to prove themselves better in every sphere from all others. In the process forgetting that before Allah finest one is he whose morals are finest.*

*Mysticism (Tassawuf) helps humans to unearth esoteric capabilities and realize the higher position of human in universe and facilitates humans to attain higher state of humanness, wherein he deems himself nothing and respects others. As such, a true and perfect Sufi loves all humanity and universe.*

*Sufi is the special person who plays a pivotal role in the shaping of a society and he unites all humans with his character, speech, behavior. Today's society is in acute need of spreading tendencies of mysticism and persona of Sufi.*


سـپ ننگيـون تـي نڪـرو، لالـچ ڇـڏي لـوپ
سـپريان سـين سـوپ، ننـڊون ڪنـدي نـہ ٿـئي.
(شاهہ)

**ڪائنات** هڪ عظيم ۽ وشال تجربي گاهہ جي حيثيت رکي ٿي، جنهن جي جڙڻ ۽ قائم رهڻ جهڙا سوال انسان جي ذهن جي پيداوار ضرور ٿي سگهن ٿا. يعني هي ڪائنات ڪيئن تخليق ٿي، اُن جي اندر ڇا ڇا ۽ ڇو ڇو تخليق ڪيو ويو؟ هن ڪائنات جي جڙڻ جو مقصد ڇا آهي ۽ وري هن کي ختم ڇو ڪيو ويندو؟ هي اُهي سوال آهن جن جي جواب جي ڳولها هر انساني ذهن ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي ضرور ڪري ٿو، پوءِ جواب ڪنهن جي نصيب ۾ اچي ٿو سي ڪي ٿورا!!





خدا تعاليٰ، هن ڪائنات جي تخليق کان اڳ هڪ ڳجهہ هو، يعني هڪ راز هو، جيڪو ڪائنات جي جڙڻ سان ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو. اسان حسابن جي ڪنهن بہ فارمولي موجب، نہ ڪائنات جي عمر ۽ نہ ئي وسعتن کي ماپي ٿا سگهون! هي ڪيڏو وڏو راز آهي، جنهن مان هر روز ڪو نہ ڪو نئون راز ڦٽي ظاهر ٿئي ٿو، هن وشال تجربي گاهہ اندر ڪيتريون ئي مخلوقات پنهنجي حيثيت کي قائم رکندي اڳتي وڌي رهيون آهن، ساڳي طرح انسان ان ئي مخلوقات ۾ هڪ نرالو ۽ منفرد مقام رکي ٿو. خدا انسان کي سڀ کان اعليٰ، اُتم، شان، شعور، مان ۽ مرتبي وارو ڪري پيدا ڪيو ۽ منجهس لاتعداد صلاحيتون سمائي ڇڏيون، تہ گڏوگڏ ڪيس ڪائنات جي هن وشال تجربي گاهہ ۾ ڪنهن حد تائين خود مختيار بڻائي، پنهنجي ڳجهہ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو وقت نصيب ڪيو ۽ منجهس کي اهڙيون صفتون بہ پيدا ڪيائين، جن جو تعلق ساڻس ئي آهي. انسان ڌرتيءَ تي جنهن بہ صورت ۾ آيو، پر هت اچڻ کان پوءِ اُن پنهنجي فطرت موجب اڪيلائيءَ کان بچڻ خاطر، ساٿيءَ جي تلاش ڪئي ۽ خدا تعاليٰ پڻ انسان کي مخالف جنسن ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ مخالف جنس جي ئي ميلاپ جي نتيجي ۾ انسان جي نسل جي واڌ ويجهہ ٿي رهي آهي.

ڌرتيءَ تي جڏهن انسان آيو، تہ هن کي اڻ ڳڻيا سال گذريا، پنهنجي چؤڌار جي ماحول کي سمجهڻ ۽ ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود حقيقتن کي سمجهي پنهنجي لاءِ استعمال ڪرڻ واري حڪمت کي اختيار ڪرڻ ۾، پر انسان جڏهن بہ جتي بہ رهيو تہ منجهس هر دؤر ۾ ڪي خاصيتون ساڳيون رهنديون آيون:

- اڪيلائيءَ کان بچڻ خاطر انسان شروع کان وٺي ٽولن جي صورت ۾ رهيو آهي ۽ هن پنهنجي چوڌاري پنهنجي مزاج ۽ طبيعت موجب ماڻهن جو هڪ حلڪو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
- ارتقا کان وٺي انسان ۾ مخالف جنس جي ڪشش رهندي آئي آهي ۽ اُن خواهش جي تڪميل خاطر هن جائز ۽ ناجائز طريقن سان اُن جي پورائي پڻ پئي ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ وڏنڊڙ پنهنجي نسل کي هن قبيلن، گروهن ۾ ورهائي اُن تي مسلط رهڻ جي ڪوشش پڻ پئي ڪئي آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- انسان جڏهن گهٽائيءَ جي تعداد ۾ رهڻ شروع ڪيو، ته منجهس پسند ۽ ناپسند جا معيار بہ قائم ٿيا، جنهن جي بنياد تي هن پنهنجي طبيعت موافق ڪنهن سان پيار ڪرڻ ۽ ڪنهن سان نفرت ڪرڻ جهڙن جذبن کي بہ هٿي ڏني آهي. محبت ۽ نفرت بنيادي طرح صلح سانت ۽ جهيڙي جهڳڙي جو سبب بنجن ٿيون.

انسان ۾ موجود اهي ڳُڻ بنيادي طرح سندس طبيعت جو جُز آهن، تنهن ڪري هو نہ تہ اڪيلو رهي سگهي ٿو ۽ نہ ئي مخالف جنس کان پري؛ ۽ نہ ئي پنهنجي فطرت ۾ سمايل محبت ۽ نفرت جهڙن جذبن کان اٽڪاڻ رهي سگهي ٿو. حقيقت ۾ اسان جڏهن انسان ۽ سماج جي ڳالهہ ڪريون ٿا، تہ اسان هنن ٻن لفظن جي اندر مٿي بيان ڪيل پسمنظر جو ذڪر ڪريون ٿا، سماج جڙي ئي ماڻهن جي گهٽائيءَ سان ٿو. اسان هن سڄي بحث کي جيڪڏهن هِن طرح بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ. انسان ۽ سماج جا بنياد ڪجھ هن طرح آهن: مذهب، سياست، معاشيات، ثقافت (رسم رواج، ٻولي، اٿڻي ويهڻي) ۽ علمي حالتون، تہ ڪا اختلاف جهڙي ڳالهہ نہ آهي، يعني انسان ۽ ان جي جوڙيل سماج انهن بنيادن کان جدا ٿي نہ ٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ جڏهن انسان کي خلقيو ويو تہ ان کي عقل، شعور، سمجهہ، دانائي ۽ حڪمت جهڙيون نعمتون عطا ٿيون، تنهن ڪري مٿس الهامي قاعدن ۽ قانونن جو نظام بہ رائج ڪيو ويو، جنهن کي اسان مذهب جو نالو ڏيون ٿا. جڏهن حضرت آدمؑ جي بوتي کي عزازيل پنهنجي عشق جي خوديءَ ۾ سجدي ڪرڻ کان انڪاري ٿيو، تہ اُن وقت کان ڪائنات جي اندر هڪ تضاد پيدا ٿيو ۽ عشق ۽ نافرمانيءَ جي ان جنگ کي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچائڻ لاءِ عزازيل کي ابليس جو لقب ڏئي آزاد ڇڏيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ انسان (حضرت آدمؑ) جنت ۾ ڪٽڪ جو داڻو ڪائي زمين تي تڙجي آيو. هاڻ انسان ان جنگ جو هڪ سبب آهي، تنهن ڪري مٿس مذهب جون سموريون پابنديون عائد ڪيون ويون، تہ جيئن پاڻ تان پيدا ٿيل اُن تضاد کي انسان، خدا جي مقرر ڪيل اصولن موجب پڄاڻيءَ تي پهچائي.

انسان جي ڌرتيءَ تي رهڻ کان پوءِ پيدا ٿيل گهٽائيءَ کي منظم رکڻ جي لاءِ، انسان خود ئي اُن کي گروهن ۽ قبيلن ۾ ورهايو ۽ پوءِ اُنهن مان ڪي فرد انهن جي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺا اهڙي طرح ڪي فرد انهن جا دوست تہ ڪي مخالف جي صورت ۾ ظاهر ٿيا، ساڳئي طرح هتي بہ حمايت ۽ مخالفت جو سلسلو جڙيو، جنهن کي





هلائڻ ۽ پاڻ کي هر طرح ڪامياب بڻائڻ لاءِ جيڪو ڪجھ ڪيو ٿو وڃي، اُن کي اسان سياست جو نالو ڏيون ٿا. ازل کان وٺي انسان پنهنجي فطرت موجب پنهنجن خواهشن جي تڪميل چاهي ٿو. بدن کي ڍڪڻ کان ويندي، ماني ڳيي لاءِ ۽ اڃا بہ اڳتي پنهنجن خواهشن کي لذت ۽ سرور سان تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ هو ڪائنات جي ذري ذري کي جهاڳي، اُن مان پنهنجي ۽ پاڻ سان لاڳاپيل ٻين فردن لاءِ آسائش حاصل ڪري ٿو، اهڙي ريت انسان جو وٽج واپار يعني پاڻ وٽ موجود ڪجھ شين کي اڻ هوند واري جاءِ تي پهچائي، اُن جي بدلي پاڻ وٽ موجود نہ هُيل شيءِ يا وکر حاصل ڪرڻ يا اڳتي هلي اُن سڄي نظام کي مختلف صورتون ڏئي زَر / پئسي جو نظام قائم ڪري، اُن کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪرڻ کي اسان انسان جون معاشي حالتون چئي سگهون ٿا.

انسان جڏهن پنهنجي جسم کي ڍڪڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي خواهشن جي تڪميل ڪئي تہ يقيناً اُن وقت سندس ذهن ۾ انهن شين کي مختلف انداز ۽ روپن ۾ اختيار ڪرڻ جي سوچ پڻ پيدا ٿي هوندي ساڳئي وقت جڏهن انسان کي ڏک پهتو هوندو يا خوشي حاصل ٿي هوندي، تہ هن اُن جو اظهار بہ مختلف انداز سان ڪيو هوندو. اهڙي طرح وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انسان ارتقا جي اصول موجب جيئن جيئن ترقي ڪئي هوندي ۽ پنهنجي اِرد گرد جي ماحول کي وڌيڪ گهرائيءَ سان پرکيو ۽ پروڙيو هوندو تہ هن پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڪي تبديليون بہ ڪيون هونديون تہ ساڳئي وقت هِن جون اُهي تبديليون سندس لباس، ڏک سک جي اظهار ۾ بہ آيون هونديون، اهڙي طرح انسان ڌرتيءَ تي بغير ڪنهن طئہ ٿيل اصول جي ثقافت کي جنم ڏنو جيڪا اڳتي هلي آهستي آهستي پنهنجي هڪ مڪمل صورت اختيار ڪئيء ڏينهون ڏينهن اُن ۾ تبديلي ايندي رهي. اسان جڏهن ثقافت جو لفظ استعمال ڪريون ٿا تہ ٻولي جيڪا بنيادي طرح آوازن جو ميڙ چئجي ٿو اُن کي بہ اُن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٻولي انسان جي اظهار جو هڪ ڀرپور انداز آهي. اسان جڏهن هڪ لفظ ڳالهايون ٿا تہ اُهو حقيقت ۾ اسان جي جذبن، احساسن ۽ محسوسات جي ترجماني ڪري ٿو ۽ انسان جڏهن ڄمي ٿو تہ اُن جي ذهن ۾ آوازن جي صورت ۾ لفظن جو ذخيرو ججهي کان ججهو اُن ٻار جي ماءُ کان ئي حاصل ٿئي ٿو.

انسان جڏهن ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي ارد گرد جي ماحول کي پرکيو ۽ پروڙيو تہ هُن جي ذهن ۾ ڪيترن ئي سوالن ڪَرُ ڪنيو، جن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جواب جي ڳولها انسان هر دؤر ۾ ڪندو پئي آيو آهي، ساڳئي وقت انسان پنهنجي اظهار کي تحريري صورت به ڏيندو آيو آهي. هاڻ اهو هڪ جدا بحث آهي ته، انسان ڪڏهن کان ڳالهائڻ سکيو ۽ ڪڏهن کان لکڻ؛ جيڪو اسان جي موضوع جي حد کان ٻاهر آهي، فقط اِهو چوڻ چاهجي ٿو ته، انسان پنهنجي ذهني حالتن ۽ دلي ڪيفيتن کي لفظ جي صورت ڏيندو آيو آهي، اهڙي طرح انسان جي تخليق ڪيل اُنهن لفظي صورتن اڳتي هلي هڪ منظم انداز اختيار ڪيو ۽ ڌرتيءَ تي سوچ ويچار، پرک پروڙ سان گڏوگڏ بحث مباحثن به جنم ورتو ۽ اُن جي ئي نتيجي ۾ انسان پٿر جي دؤر کان سفر طئي ڪندي اڄ جي دؤر تائين پهتو آهي، جنهن ۾ انسان جي ذهني ڪوجنا، اندر جي پيڙاء، آنڌ مانڌ، لوچ پوچ ۽ بيقراري شامل رهي آهي، جنهن کي اسان سماج جون علمي حالتون چئي سگهون ٿا.

متي مذهب، سياست، معاشيات، ثقافت ۽ علمي حالتن بابت جيڪو ڪجهه بيان ڪري آيا، آهيون اُن مان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته، سماج انهن پنجن بنيادن تي بيٺل آهي. جنهن مان پهريون بنياد يعني مذهب انسان جي ڌرتيءَ تي رهڻ واري مقصد کي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ وارن رخن ڏانهن ڪٽي وڃي ٿو يعني انسان ڪائنات جي اشرف ۽ حسين ترين مخلوق آهي، منجهس اُهي سڀ صفتون موجود آهن جيڪي هن ڪائنات جي خالق ۾ موجود آهن. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ۝ وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ۝ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ۝

ترجمو: ”انجير ۽ زيتون جو قسم آهي ۽ طور سينا جو ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو، ته بيشڪ ماڻهوءَ کي تمام سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيوسون.“(۱)

عربيءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي، جيڪا سمورن صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪئي آهي ته، ’خلق الأدم عليٰ صورته‘ يعني خدا، آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي.

خدا، انسان کي وڏو رتبو عطا ڪيو آهي، جنهن جو مثال هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته، حضرت آدم جي تخليق کان پوءِ سمورن ملائڪن کان سجدو ڪرايو ويو:





مَلڪن تي سجدا ڪيا، واهه متي تنهنجو مُلهه.
(سچل)

سو اُن سجدي جو به ڪو راز آهي! متين مختصر مثالن مان اسان ان راز کي ويجهو پهچڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته، انسان خدا جو ڳجهه آهي، هڪ اهڙو ڳجهه جنهن ۾ خدا خود موجود آهي:

احد، احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم اِنهيءَ ڳالهه ۾.
(شاهه)(۳)

سو حقيقت ۾ احد (خدا)، احمد (انسان) ۾ فقط ميم جو فرق ئي آهي جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، انسان ۾ خدا ازل کان ئي جتي خدائي صفتون موجود ڪيون، اُتي اُنهن جي غلط استعمال جو اختيار به ڪنهن حد تائين ڏنو ته ساڳئي وقت منجهس حمايت ۽ مخالفت، اقرار ۽ انڪار، نيڪي ۽ بدي جهڙا عنصر به موجود ڪري ڏنا. خدا انسان ۾ جتي خدائي صفتون رکيون يعني منجهس نيڪيءَ جا جذبا پيدا ڪيا اُتي هوس (شين جي گهٽائيءَ جي گُهرج)، ڪروڌ (ٻئي جي رُتبي، مرتبي ۽ خوشيءَ کي ڏسي ساڙس حسد ۽ ڪينو ڪرڻ)، لالچ، تشدد (ڪاوڙ / ويڙهه)، ڌن دولت / مال ملڪيت جهڙا عنصر پڻ منجهس سمايا. هاڻ انسان کي اُن جاءِ تي انهن بنيادي ناڪاري جذبن کان بچڻ لاءِ پڻ چيو ويو:

مون ڪي مون پرين، ٻڌي وڏو تار ۾،
اُيا اِينءَ چون، مڃڻ پاند پسائين.
(شاهه)(۴)

انساني فڪر جي عروج يا ڪمال جو مدار ان جي ظاهري ۽ باطني صلاحيتن جي درست واڌ ويجهه ۽ ان صلاحيتن جي مثبت استعمال تي آهي. هر شيءِ جا ٻه رخ ٿين ٿا يعني ظاهري ۽ اندروني - هاڻ انسان کي ظاهري حالتن مطابق پنهنجي اندر ۾ موجود صلاحيتن جي کوج ڪرڻي آهي. جتي متي ذڪر ڪيل ناڪاري جذبا انسان ۾ موجود آهن اُتي ڪي هاڪاري جذبا پڻ سندس سرشت ۾ سمايل آهن. مثال طور: پيار ڪرڻ، احترام ڪرڻ، برداشت، درگذر، رحمدلي ۽ سچ ڳالهائڻ شامل آهن. انسان جڏهن پنهنجي فڪر جي ڏِڍ تي پاڻ ۾ موجود هاڪاري ۽ ناڪاري عنصرن کي پرکي ٿو ته پوءِ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ئي هو حقيقت ۾ اُنهن ۾ فرق ڪري سگهي ٿو. انسان جي سرشت ۾ موجود ٻنهي عنصرن جو پاڻ ۾ هڪ وڏي حد تائين تڪرار هلندو رهي ٿو. خدا، انسان ۾ ڪيتريون ئي صلاحيتون رکيون آهن، جنهن ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو مقصد انهن صلاحيتن جي کوج ڪرڻ آهي. بنيادي طور هو فطرت سان جڙيل آهي، موسمن جي تبديلي به هن جي ڪيفيتن تي اثر انداز ٿئي ٿي ته ٻئي طرف الله تبارڪ و تعاليٰ هن ڪائنات ۾ سندس لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون ڇڏيون آهن جن کي سمجهڻ لاءِ انسان کي عقل، فهم عطا ڪيو ويو آهي.

تصوف جي اصطلاح ’پاڻ سڃاڻڻ‘ جو مقصد آهي ته عقل ۽ شعور جي معرفت ڪائنات ۾ پوشيده رازن کي الله جي ڇڏيل نشانين جي مدد سان ڳولهجي. سچل سائين چئي ٿو:

جـي تـو ڄـاتو پـاڻ، آئـون ٻيـو ڪـي آهيـان
ڪنـدءِ غـرق گمـان، ڳهـلا انهـيءَ ڳالهـ ۾.(۵)

انساني حيات، فطرتي مظهر توڙي اچانڪ ظاهر ٿيندڙ حادثن ۾ ڪيتريون ئي نشانيون موجود آهن، جن تي غور فڪر سان نظر نه ايندڙ يا اڳتي ٿيندڙ واقعن کي سمجهي سگهجي ٿو. تصوف بنيادي طور تي خدا تعاليٰ جي طرفان انسان جي مقرر ڪيل حيثيت، سمجهه، شناس، مرتبي جو علم عمل سان ڏئي ٿو. خدا تعاليٰ انسان کي خوبصورت کان خوبصورت ۽ سموري مخلوقات ۾ اعليٰ خلقيو آهي. هن جو درجو پنهنجي ظاهري، دنيائي، جسماني ناهه نوهه جي قيد و بند کان گهٽو مٿي آهي. انساني روح ڪُل جو جُز آهي، تنهن ڪري منجهس اُهي خدائي صفتون موجود آهن، پر اُن روح کي مادي جو لباس ڏنو ويو آهي. انسان کي اُن مادي جي اندر رهي پنهنجي اصل حقيقت ڄاڻڻي آهي. هن جو رتبو خدا تعاليٰ سڀ کان اعليٰ رکيو آهي، تنهن ڪري انسان تي سڀ کان اول اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو ڪائنات ۾ مقرر ٿيل پنهنجي رتبي کي سمجهي ۽ اخلاقيات ئي اصل ۾ اُهو علم آهي، جيڪو منجهس موجود هاڪاري عنصرن کي وڌيڪ سگهارو بڻائي ٿو.

تصوف جي هڪ اهم ڪتاب ’رسالہ فتحيہ‘ ۾ نقل آهي ته: ”شيخ ابو سعيد کان پڇيو ويو ته: فلاڻو شخص پاڻيءَ ۾ گهمي ٿو، فلاڻو هوا ۾ اڏري ٿو. چيائين ته: اهو ڏاڍو آسان ڪم آهي، ڪانءَ، ڪبريون، مکيون ۽ مڇر پڻ هوا ۾ اڏرندا آهن. هڪ گهڙيءَ ۾ هڪ شيطان به هڪ ساهه ۾، اوڀر کان اولهه پهچي ٿو. اهميت ۽ قدر قيمت انهن شين جي نه آهي. مرد (ڪامل انسان) ته اهو آهي، جيڪو ماڻهن ۾ رهي زندگي گذاري ۽





انهن سان انصاف ڪري، شادي ڪري ۽ ماڻهن سان ميل جول رکڻ باوجود پنهنجي خدا کان گهڙي پل لاءِ به غافل نه رهي. پاڻ کي مخلوق جي شر ۽ نفس جي شر کان محفوظ رکي.“(٦)

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي هڪ اهم صوفي شاعر حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري ان ڳالهه کي پنهنجي شعر ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

پاڻيهـاري سـر ڀـڙو، جـر تـي پڪـي جيئـن،
اسـان سـڄڻ تيئـن، رهيـو آهـي روح ۾.(٧)

جهڙي ريت پاڻي ڀريندڙ عورت جي مٿي تي ڀٽو دلو آهي ۽ هو پوءِ به پنهنجن سرتين سهيلين سان گڏ پنڌ ڪندي اچي ٿي ۽ سندس دلي مان پاڻي نه ٿو ڇلڪي، اهڙي ريت پاڻ ۾ موجود هاڪاري عنصرن کي پرکيندڙ ۽ پروڙيندڙ انسان به دنيا جي معاملن ۽ مسئلن ۾ شامل رهڻ کان پوءِ به خدا تعاليٰ جي مقرر ڪيل اصل مقصد کي نه ٿو وساري. عام طور تي صوفيءَ لاءِ اسان وٽ جيڪو تصور اڀري ٿو، اُن مطابق هو سماج جو هڪ اهڙو فرد آهي جيڪو معاشري جي سمورن معاملن ۽ مسئلن کان اڻڄاڻ رهي ٿو ۽ هو منهن گوڏن ۾ وجهي، ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾ ويهي سموري دنيا کان ڪٽجي پنهنجي وجود اندر فقط خدا کي ويٺو ڳولهي پر حقيقت ۾ صوفيءَ جو اهو تصور جيڪو هن وقت اسان جي ذهنن ۾ جڙي رهيو آهي، اُهو بنهه غلط آهي. شاهه ڪريم جي مٿين سٽن جيان حقيقت ۾ صوفي آهي ئي اُهو، جيڪو ماڻهن سان گڏ رهي انهن جي مسئلن ۽ معاملن ۾ شامل ٿئي ۽ پنهنجي پرک ڪيل خدائي صلاحيتن جي ڏِيَ تي انهن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ڪري.

سنڌ جي صوفي شاعرن وٽ جيڪو تصوف جو تصور آهي، اُن ۾ خدا، ڪائنات ۽ انسان موجود آهي، هو انهن ٽنهي شين کان ٻاهر نه نڪري سگهيو آهي ڇاڪاڻ ته انهن ٽنهي شين کان نه ڀرين ڪجهه آهي ۽ نه ئي پوءِ! هنن ڪائنات ۾ انسان جي رُتبي، مرتبي جي ڳالهه ڪئي آهي، جنهن ۾ مذهب، فرقو، رنگ نسل جو ڪو به تصور نه آهي، بلڪ هو انهن شين کان بالاتر ٿي، انسان ۽ انسانيت جي ڳالهه ڪن ٿا:

پڇـن سـي پـسن، جـڏهن تـڏهن پـرينءَ کـي،
ڏورينـــديون ڏســـن، اگـــڻ عجيبـــن جـــا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ اهڙو عمل آهي، جيڪو علم کان سواءِ مڪمل نہ ٿو ٿئي ۽ جڏهن اهو علم عمل سان گڏجي ٿو تہ يقيناً ان انسان جي اندر ۾ ڪائنات جي سموري خوبصورتي پري چڙي ٿو ۽ اهو تڏهن ئي ٿئي ٿو جڏهن شاهہ سائينءَ چواڻي:

صوفيءَ صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿئو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.[(١٣)]

اچو تہ تصوف جي اُن انسان شناسي ۽ انسان جي ڀلائيءَ واري واٽ کي اختيار ڪريون، جنهن تي هلڻ کان پوءِ هن ڌرتي تي رهندڙ سمورا انسان هڪ دفعو ٻيهر پيار، پنهنجائپ، سُرهاڻ جي سَگِي ۾ ٻڌجي وڃن ۽ سندن محور فقط ئي فقط انسان هجي. بقول صوفي عنايت خان جي: ”تصوف دل جو مذهب آهي. اوهان الله تعاليٰ جي حقيقت کي ڄاڻو، هو توهان کي خود ئي حقيقت ٻڌائي ڇڏيندو.“[(١٤)]

## حوالا


١. قرآن شريف، سنڌي ترجمو: علامہ علي خان ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ١٩٩٨ع، ص: ٥٦-٩٥٥.

٢. انصاري، عثمان علي، (مرتب)، سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، ١٩٨٢ع، ص: ٥١.

٣. شاهواڻي، غلام محمد، (مرتب)، ’شاهہ جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٥ع، ص: ١١٤.

٤. شاهواڻي، غلام محمد، مؤلف، ’شاهہ جو رسالو‘، آر. ايڇ. احمد ائنڊ برادرس، ٦١-١٩٦٠ع، ص:١٠٢٩.

٥. صوفي، غلام نبي، آغا، ’سچل سرمست‘، ترتيب، ايڊٽ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڇاپو ٻيو، ٢٠١٥ع، ص: ٢٠٣.

٦. صديقي، فتح محمد، مخدوم، ترجمو: مولانا سعيد احمد پٽو، ’رساله فتحيه‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٢٠١١ع، ص: ٥٦٦.

٧. بيگ، قليچ، مرزا، رسالہ ڪريمي، ڇاپو ٻيو، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر يونيورسٽي آف سنڌ، ٢٠١١ع، ص: ٥٩.

٨. آڏواڻي، ڪلياڻ، (مرتب)، ’شاهہ جو رسالو‘، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڊسمبر ٢٠١٢ع، ص:٣٤٩-٥٣٠.

٩. صوفي، غلام نبي، آغا، سچل سرمست، ترتيب، ايڊٽ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڇاپو ٻيو، ٢٠١٥ع، ص: ٢١٥-٢١١.







10. ناگراڻي، بي -ايڇ، پروفيسر، (مرتب)، ساميءَ جا سلوڪ، (جلد پهريون)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:٦١٩.

١١ء عبدالکریم، ابوالقاسم، امام، تصوف کا انسائیکلوپیڈیا، اردو ترجمہ: محمد عبدالنصیر بن عبدالبصیر العلوی، مکتبہ رحمانیہ، ص:419ء

١٢. آڏواڻي، ڪلياڻ، (مرتب)، شاهہ جو رسالو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڊسمبر ٢٠١٢ع، ص: ٥١٩.

١٣. ساڳيو، ص: ٩٦.

١٤. وٹوین، کریم بخش، ایچ جے، سائنسی و معاشی تہذیب اور تصوف کا کردار، اردو ترجمہ جمشید اقبال، بیکن بکس لاہور، 2007ع، ص:15.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair